٧٨٦
٩٢

# تحذير المؤمنين عن تكفير المسلمين

# تحذير المؤمنين

عن

# تكفير المسلمين

رساله

# تحذير المؤمنين عن تكفير المسلمين

از تصنيف منيف حضرت صاحب مد ظله العالي

سرهندي مجددي درگاه شريف ٹنڈو سائينداد

ضلع حيدرآباد سنده

كتبه الحقير نور احمد عفا عنه الصمد

مدرسه عين العلوم اميناني

۷ ذى الحجه سنه ۱۳۷۷

روز

خميس

نحمده ونصلي ونسلم

اما بعد - هن ڏينهن تاريخ ٣٠ جمادي الاول سنه ١٣٧٧ھ جي
اسانجي منزل تعلقه سامارو "گلزار خليل" ۾ جناب
آغا ابراهيم جان صاحب وٽ تي پاڻ اگرچه عالم فاضل
صاحب علم و فضيلت آهي مگر زياده تحقيق جي واسطي
مون کان پڇيائون ته ديوبندين يا غير مقلدن کي ڪافر ڄاڻبو يا نه
هنن سان اسلامي سلوڪ ڪبو يا نه ۽ سعودي نجدين
جي پٺيان حرمين الشريفين ۾ يا ٻين جاين تي نماز
پڙهبي يا نه. مون برو قت عرض ڪيو ته سائين هي تمام
افسوسناڪ حقيقت آهي ته حضرات علماء بريلوي ۽ ديوبندي

جو پاڻ ۾ اختلاف حد درجه کان لنگهي ويو آهي هڪ ٻئي تي
ڪفر جون فتوائون / ٿا بلڪه مشرڪن ۽ يهودين کان هڪ ٻئي کي ڏين
بدتر سمجهن ٿا اسانکي گهرجي (۽ اسانجي نجاة جو رستو آهي)
ته اسين اختلافن کان قطع نظر ڪري پنهنجي اڳوڻن امامن
مجتهدن سلف صالحن جي قول و عمل تي انهن نظر ڪريون
انهن جي فتوىٰ تي عمل ڪريون انهنجي تقليد ۽ متابعت
مشغل راه بنايون ڏسو هن مسئله ۾ اسانجي پيشوا
حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره السامي
ڇا لکيو آهي ڇا فرمايو آهي - اوهانکي خبر آهي ته حضرت
امام رباني پنهنجي مکتوبات ۽ تصنيفات ۾ شيعن ۽ رافضين
جو ڪيترو سخت رد ڪيو آهي قرآن ۽ حديثن جي
صريح نصوص سان سندن مذهب جو بطلان ثابت
ڪيو آهي پيا ٻڌو ته هنجي ڪفر ۽ ارتداد ۾ ڪو ذرو
اسلام جو باقي نه رهيو آهي مگر باوجود انهيءَ هڪڙي
مکتوب ۾ پاڻ لکن ٿا ته اسين هنن کي ڪافر نٿا چئون جو ته

مسئله خلافت از اصول دین نیست اگر اصول دین بودی خدا تعالی و رسول مقبول او علیه الصلواة والسلام خود تنصیص آن فرمودے و فیصلۂ امر خلافت و انتخاب خلیفه را بشوری مسلمانان و اصحاب کرام نگذاشتی بحث و مباحثه دراین مسئله از فضولیات هست الی آخره

---

حدیث شریف ۾ آيو آهي ستفترق امتي علی ثلث و سبعين فرقة كلهم فی النار الا واحدة قالوا وما هي يا رسول الله قال ما انا عليه و اصحابي ته سوا ٺهن گمراهن فرقن کي پڻ امت ۾ ليکيو ويو آهي مسلمانن جي زمره ۾ داخل کيو ويو آهي اگرچه بد اعتقادن جي کري (جئين بيا عصاة امت جا) وقت کو دوزخ ۾ رهندا مگر آخر مآل انهن جو بهشت ۾ ٿيندو و انهي سبب کري اگوڻن امامن ۽ عالمن انهن گمراه فرقن کي کافر نه چيو آهي امام ابو حنيفه جو قول آهي ته لا نكفر احدا من اهل القبلة - اسين کافر نٿا چئون کنهن کي به کنا اهل قبله جي ڀائيون ته ساءِ ادهين اهل قبله جو کنهن کي ٿا چئو- فرمايائون

مَنْ صلّىٰ صلواتنا واستقبل قبلتنا فهو المؤمن حقا - آهي

يعني جيڪو نماز پڙهي ۽ قبلہ ڏي سامهون ٿئي اهو تحقيق مؤمن آهي
حضرت امام بخاري تہ پنهنجي صحيح ۾ ڪي روايتون شيعن کان ڪي
معتزلن کان ڪي قدرين ۽ مرجئن کان نقل ڪيون آهن ڪافر
چون تہ بجاء خود پر هنن کي پنهنجو استاد صحيح الرواية ثقہ صادق ڪري
ڄاڻو آهي پوءِ اسين ڪيئن ديوبندين يا بريلوين کي ڪافر ڪري
سمجهندا اسين حديث شريف ۾ ڪنهن مسلمان کي ڪافر چوڻ
جي سخت منع آئي آهي فرمايائون من قال لاخيه المسلم يا كافر
فقد باء به احدهما جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن کي ڪافر چوندو
۽ في الواقع اهو ڪافر نہ هوندو تہ اهو ڪفر قائل ڏانهن راجع
ٿيندو سيني امامن ۽ عالمن جو متفق عليه قول آهي تہ ڪنهن
مسلمان جي قول ۾ يا عمل ۾ نوانوي وجوہ ڪفر جا هجن
۽ هڪڙو وجہ اسلام جو هجي تہ انهيءَ کي اسلام جي
وجہ تي حمل ڪبو ۽ نوانوي وجهن کان چشم پوشي ڪبي
هاڻي تہ هي وقت ٿيو آهي جو نوانوي وجہ اسلام جا هوندا
فقط هڪڙو وجہ ڪفر جو هوندو تہ نوانوي وجہ اسلام جا

ميٿي انهيءَ هڪڙيءَ وجه ڪفر جيڪي ڇڪي تاڻي تمنکي ڪافر -

مرتد - ملعون چوندا -

کس کس کو جانے آپنے کافر بنالیا مسلم کسیکو آپ بنائے تو جانئے

هت هڪڙو نقل ٻڌو اوهانکي ٻڌايان ٿو - هڪڙي دفع جھمپير جي
اسٽيشن تي لٿس جاڪرڻ واري مسجد ۾ وڃي نماز پڙهڻ ويس مون کان
اڳ انهي مسجد ۾ مولوي صاحب حاجي سليمان ٻنڌ وارو ويٺل هو
(جو اسانجو قديمي دوست ۽ مخلص هو) تمن سان معمولي سلام عليڪ
ڪري هڪ ٻئي کان پري ٿي ويناسين نه هو مون سان ڳالهائي نه
آئون هن سان (بدستور سابق) ڳالهايان مغرب جي بانگ آئي
جماعت نماز لاءِ طيار ٿي مون مولوي صاحب کي (جو هڪڙو پيرسن
عالم فاضل شخص هو) چيو اوهين اڳ ۾ ٿي نماز پڙهايو پاڻ
وري مونکي اڳ ۾ ٿيڻ لاءِ فرمايائون خير نماز پڙهي وري اسٽيشن تي
وڃڻ لاءِ طيار ٿياسين مولوي صاحب به اسان سان اسٽيشن تائين
گڏجي هليو ته هي اهو زمانو هو جو نجدين حرمين شريفين تي
چڙهائي ڪئي هئي - بيحرمتي اماڪن مقدسه - هدم قباب قبور
کان علاوه طائف شريف ۾ قتل عام ڪرايو هو ۽ هي دلگداز
جان فرسا خبرون اچي رهيون هيون ته گنبد خضرا علي ساڪنها

الصلواة والسلام والتحية پڙهڻ بداهي جڏهن ته مولوي صاحب
مذڪور انهي جماعت مان آهي جيڪي نجدين جي مظالم جي پرده پوشي
ڪري رهيا آهن بلڪ هنن جي اعمال شنيعة جي حمايت ۽ تحسين
ڪري رهيا آهن جنهنجو اسانکي ڏاڍو افسوس هو ۽ انهي سبب ڪري
مولوي صاحب کان بد دل آزرده هواسين تنهنڪري سائنس اڳوڻون التفات
۽ باهمي اختلاط ڪونه ڪيوسين - مولوي صاحب مونکي مخاطب ٿي
فرمايو - (اسان بدو آهي ته اوهان ٺٽي ۽ سائينداد وارن پيرن
مون تي ڪفر جي فتوىٰ جاري ڪئي آهي ۽ نجدي وهابي وغيره وغيره
چئو ٿا مگر هيئن نه آهي هوئن نه آهي) مون ٿورو ڪلهه مولوي صاحب
کي چيو جيڪڏهن اسين اوهانکي ڪافر چئون ها ته مونکي ڪهڙو لاءِ
پيو هو جو هيئنر مغرب نماز ۾ اوهانکي امام ٿي پڙهائڻ لاءِ
چيوسين ڪافر جي پنيان ته نماز پڙهڻ درست نه آهي اها
بدل ڳالهه اوهان جي غلط آهي اسان اهڙي فتوىٰ اوهان تي ڪان
ڪئي آهي - پر مولوي صاحب، اوهانکي خبر آهي، ته اسين
خود نجدين کي جن هٿن سان اهي دلگداز مظالم ۽ وحشيانه
ڪم ڪيا آهن اسين انهنکي به ڪافر نه ٿا چئون پوءِ اوهانکي جو

هزارن ڪوهن تي پري ويٺا آهيو فقط هننجي حمايت
۽ طرفداري ڪري ڪيئن ڪافر چونداسين

مگر هاڻو ايترو ضرور آهي جو انهين ڳالهين ڪري اسانکي وهابجو
ڏک هو جهنڪري اگو ٿون طريقو التفات ۽ محبت جو قائم نه رهيو
۽ پاڻ ۾ بدستور سابق نه ڳالهيوسين -

اسانجو اهل سنت والجماعة جو مذهب آهي ته مرتڪب ڪبائر جو
(اگرچه ڪهڙو به فاسق فاجر هجي) ڪافر نه آهي برخلاف خارجين
۽ معتزلن جي جو انهن وٽ مرتڪب ڪبائر جو ڪافر آهي

رل
ڏسو ڪتاب جذب القلوب الیٰ ديار المحبوب ۽ تاريخ الخلفاء وغيرها ١٢

محققين علماء اهل سنت جا حجاج جهڙي خونخوار ظالم تي (جنهن
هزارين اصحابي ۽ تابعي شهيد ڪرايا ۽ ڪعبه شريف تي گوله
باري ڪري ڊهرايو) ۽ يزيد جهڙي فاسق فاجر تي جنهنجي
زمانه ۾ ڪربلا جهڙو دردناڪ واقع ٿيو آهي ۽ سندس
اميرن جي هٿان ٿي مدينه پاڪ جي ويراني مسجد نبوي
على صاحبها الصلواة والسلام والتحية جي بيحرمتي ۽
بيانا گفته به مظالم ٿيا آهن (جيڪي واقعه حره سان مشهور آهن)
لعنت وجهڻ يا ڪافر چوڻ جي منع ڪئي آهي لنڌي
انهيجي آڏو ڪهڙي شمار ۾ آهن حضرت علي شاه مردان

ڀنهجي مخالف ڌر لاءِ (جن سان ٽي جنگيون ڪيون ۽ هزارين اصحاب ڪان سواءِ عشره مبشره مان ڪي افراد به انهن جنگين ۾ شهيد ٿي ويا) فرمايو آهي اخواننا بغوا علينا ليسوا بفسقةٍ ولا كفرةٍ پاڻ ڏسو ته اُهي هوا اُهي پاڪ طينت اصحاب نفوس زڪيه وقلوب مطمئنه جن پنهنجن خونخوار دشمنن کي به فاسق يا ڪافر چوڻ گوارا نه ڪيو آهي ۽ اسان جا حال هي آهن - جو ڪهڙي مسئلي ۾ اسان سان ڪهڙي اختلاف ڪيو ته ڪرڻ اُهي ڪافر ملعون مرتد مطرود ۽ مردود آهن انهن جون زالون طلاق وارين انهن جا اولاد ولد الحرام ۽ انهن سان اسلامي عليڪ سليڪ بند

ببين تفاوت ره از ڪجا ست تا بڪجا -

بعضي فتاوىٰ فقه جي ڪتابن ۾ جيڪي ڪلمات ڪفريه لکيل آهن ۽ قائل تي ڪفر جو حڪم لڳايو اٿن محقق عالمن انهن جي ترديد ڪئي آهي ۽ ڪفر جو حڪم نه ڪيو آهي

صاحب "بحر الرائق" (جو وڏو محقق معتبر عالم فقيه آهي) لکي ٿو - واني عهدت على نفسي ان لا افتي بشيء من هذه الكلمات الكفرية مون وعده ڪئي آهي ته هنن ڪلمن سان ڪنهن تي به ڪفر جي فتوىٰ نه ڏيندس ۽ مولانا عبد الحي لکنوي پنهنجي ڪتابن

۾ هنجي ورهاڱي تائيد ڪئي آهي ۽ انهي قول صاحب بحر تي
هنجي فتوىٰ ۽ هنجو عمل ڏيکاريو آهيس -

سوال قرآن شريف ۾ ۽ بعضي حديثن ۾ ڪن گناهگارن تي
لعنت وڌي وئي آهي ۽ ڪن گناهن ڪفر چيو ويو آهي اوهين تنکي
چونتا ڪافر چئو

جواب اوهين خدا تعاليٰ سان ۽ سندس رسول مقبول عليه الصلوٰة
والسلام سان ريس نه ڪريو هنن جيڪنهن کهنکي ڪافر چيو
آهي يا لعنت ڪئي آهي ته هننکي هي حق رستي ٿو مونکي ۽
اوهانکي اهيو حق نٿو رسي قاضي يا مجسٽريٽ جيڪنهن
کهنکي ڦاسي ڏئي ٿو ته هننکي رسي سگهي ٿو مونکي ۽ اوهانکي
رسي نٿو سگهي جو ڪهنکي ڦاسي ڏيون -
بيا به هن سوال جا جواب ڪتابن ۾ لکيل آهن مگر اسين هتي فقط
هن جواب لاجواب تي اڪتفا ڪريون ٿا -
هي به ڄاڻڻ گهرجي ته هن مسئله ۾ عالمن اسانکي هڪڙو اصولي
قاعده ٻڌايو آهي اِلتِزَامُ الْكُفْرِ كُفْرٌ لَا اللُزُومُ همېشه سو
ياد رکڻ گهرجي يعني ڄاڻي ٻجهي ڪفر کي اختيار ڪرڻ ۽ ڪفر کي
چنبڙي وڃڻ ڪفر آهي مگر بغير نيت ڪفر جي اوچتو ڪفر جو

لازم ٿي وڃڻ ڪفر نه آهي
ساڳئي وقت هي مسئلو به ياد رکڻ گهرجي جو فقه جي ڪتابن ۾ لکيل آهي ته جهل شريعت ۾ عذر نه آهي يعني جيڪو مسلمان ڪو غلط قدم کڻي يا گناه جو ڪم ڪري ۽ چوي ته مونکي هن مسئلي جي خبر ڪانه هئي ته اهو شخص معاف ڪيل نه آهي شريعت جي حڪم کان ڇٽي نه سگهندو مگر ڪفر جي ۾ جهل جو عذر به مقبول آهي جهل جي ڪري ڪلمون ڪفر جو ڳالهائي ته اهو ڪافر نه ٿيندو

ٻيو فقرو سوال جو آهي ته نجدين جي پٺيان نماز پڙهجي يا نه پڙهجي تنهنجو جواب ته نجدين جي پٺيان نماز پڙهڻ جائز آهي بلڪ پڙهجي حرمين شريفين ۾ ته ضرور پڙهڻ گهرجي تنهنجا سبب گهڻا آهن اول ته اڳي اوهانکي ٻڌائي آيا سين ته اختلافي مسئلن ۾ اسانکي متابعت متقدمين ۽ سلف صالحين جي ڪرڻ گهرجي ۽ انهن جي طرز عمل تي هلڻ گهرجي آسين ڏسون ٿا خيرالقرون يعني زمانه اصحاب ڪرام و تابعين عظام و تبع تابعين ۾ خلفاء يعني بادشاه وقت جا گهڻون ڪري سخت ظالم، فاسق، فاجر ۽ ٻين ٻن هوا سندن شخصي حالتون تمام خراب هيون - شرابي - ڪبابي - مدمن الخمر هوا جيسين زالن جو رقص راڳ رباب نه ٿيندو هو تيسين سندن هضم نه ٿيندي هئي ۽ رات جو ننڊ نه ايندي هئي اوهين ڪم ازڪم

تاريخ امام سيوطي جي پڙهي ڏسو ته اوهان کي خبر پوي - نه فقط عمل
انهن جا خراب هوا بلڪ اعتقاد انهن جا خراب هوا - بني اميه ته
اڪثر دشمن اهل بيت جا ۽ سخت خارجي هوا حتى ڪ علانيه
بر سر منبر خطبن ۾ حضرت علي شاه کي سب ڪندا هوا ۽
بني عباس وري سخت معتزلي هوا - مسئله خلق قرآن ۾
جيڪي عقوبتون امام احمد بن حنبل ۽ ٻين سني عالمن سان
ڪيون اٿن عالم آشڪارا آهن اهل بيتن مٿان سندن ظلم ۽ بيرحمي
سان ڪين عذاب ڏئي قتل ڪرڻ جا واقعا مشهور ومعروف آهن
اوهان کي بخوبي خبر آهي ته انهي زماني ۾ اهي بادشاه يا والي
انهن پاڻ خطبو پڙهندا هوا پاڻ جمع نماز پڙهائيندا هوا پاڻ
جنازو ۽ عيد نمازون پڙهائيندا هوا ۽ سندن زماني ۾
جيڪي امام ، مجتهد ، علماء دين ، اولياء امت هوا سي سندن
پٺيان نمازون پڙهندا هوا جمع ۽ عيدن جي جماعت ڪندا
هوا جو ته جمع ۽ عيدن جون نمازون ته بغير جماعت جي جائز
ئي نه آهن بلڪ حضور امير جو يا والي جو ته انهن ۾ ڏو شرط آهي
جيڪڏهن انهن امامن ۽ عالمن جماعت ترڪ نه ڪئي آهي
۽ انهن ظالمن فاسقن ۽ فاسد العقيده بادشاهن پٺيان
نمازون پڙهيون اٿن جنهن بدعملن ۽ بدعقيدن جي مقابله ۾

هي موجوده وقت جا نجدي بادشاه گويا اولياء آهن ۽ اسين
چوڻ ھنن جي پٺيان نمازون پڙهون جيڪو وجھ جيڪو سبب
اوهين متقي مين جي طرز عمل لاء بڌائينداهوئي اسانجي
طرفان جواب سمجهڻ گهرجي -

اهن اسلامي حڪم صلوا خلف كل برٍ و فاجرٍ تي عمل ڪيو
اسين چوڻ ڪريون

مسئله امر بالمعروف نهي عن المنكر هٿ سان روڪڻ زبان
سان منع ڪرڻ اهي شخص تي واجب آهي جو طاقت وارو صاحب
اثر و رسوخ جو هجي مثلاً ڪو شخص پنهنجي ڳوٺ جو وڏيرو يا رئيس
هجي سو اهڙي پيش امام کي جو عملاً يا اعتقاداً بدعتي هجي يا
ولا الضالين کي ولا الظالين ڪري پڙهي تہ انهن جي پٺيان نماز نہ پڙهڻ
تنهنکي چوڻ ۽ سمجهائڻ يا بدل ڪرڻ حق آهي باقي وڏي شهر
يا جامع مسجد ۾ جتي سندس چوڻ ڪارگر نہ ٿئي ۽ ڪو فتنو فساد
پيدا ٿئي تہ کيس خاموش رهڻ گهرجي خصوصاً حرمين شريفين
جي مسجدن ۾ جتي چئن اهل السنة والجماعت جي مذهبن جا مقلد
مقلد ۽ پيرو موجود آهن ۽ هر ڪو پنهنجي مذهب موافق عمل
ڪندو آهي ضرور جماعت سان نماز پڙهڻ گهرجي

خون شهيدان را ز آب اولیٰ بود ؎ اين خطا از صد صواب اولیٰ بود

بي وڏي ڳالهه جاهن مسئله جي بنيادي حيثيت رکي ٿي ۽ سڀني عمارت
جو دارومدار انهيءَ تي آهي سا ته خيال ۾ رکڻ گهرجي ته اوهان وٽ
ڪهڙي ثابتي آهي ته هي سڀئي شخص جيڪو پيش امام آهي
سو فاسق يا فاسد العقيدة آهي سيڪهن جو ايمان ۽ اعتقاد
۽ ضمير هنجو هنجو آهي اهيو ته لازم نه آهي جيڪو شخص نجد
جي ملڪ جو آهي يا اولاد ابن عبد الوهاب نجدي جو آهي سو
اهڙو فاسق ۽ بدعقيدت آهي جهڙا اهن جا پيا مائٽ يا ملڪي
ماڻهون آهن -

حسن ز بصره بلال از حبش صهيب از روم :: ز خاک مکه ابوجهل اين چه بوالعجبي است

مدينه پاڪ ۾ مڪه مکرمه ۾ طائف ۾ جده ۾ منى ۽ عرفات ۾
سيئي مسجدن ۾ اهي نجدي پيش امام آهن جيڪي نه اسين
سڃاڻون نه ڄاڻون نه اسان اهن جي شڪل وصورة ڏٺي آهي
نه اسين اهنجي اعتقاد ۽ عمل کان واقف آهيون اهڙا اسانجي
بدگماني ۽ نهايت بي انصافي ٿيندي جو سڀني تي هڪڙو حڪم ڪريون
۽ ڪارن ڪمرن کي هڪڙي لٺ سان هڪليون بي وڏي خرابي
جاهن مان لازم اچي ٿي سا ته خيال شريف ۾ آڻڻ گهرجي - جيڪڏهن
هنجي پٺيان نماز ناجائز يا مکروه تحريمي واجب الاعادة آهي ته
هيتري خلق خدا تعالى جي هزارين لکين ماڻهون جيڪي هنجي پٺيان

اصل ته قرآن ۽ حديث مان ثابت آهي ڪو به ماڻهو اگرچه پاڻ
کي غير مقلد چوائي - اڳوڻن عالمن جي تقليد کان آزاد ٿي نٿو سگهي
مگر ڪتابن ۾ لکيل آهي ته هن زماني ۾ تقليد شخصي يعني
مذهب معين جي تقليد ڪرڻ واجب آهي پر آئون ٿو چوان
ته واجب نه بلڪه هن زماني ۾ فرض عين آهي - ڇو ته جيڪي ماڻهو
گمراه ٿين ٿا نيچري يا خاڪساري يا قادياني يا رافضي ٿين ٿا
جڏهن تقليد مذهب جي ڇڏين ٿا تڏهن بين جي دام ۾
وڃي ڦاسن ٿا ۽ جيڪي پيرن ۾ بغير تقليد جي پيل هوندي
سو ٿي پاسي وڃي نه سگهندو ۽ گمراه ٿي نه سگهندو

جو
هوندو

هي به ڪتابن ۾ لکيل آهي ته چوٿين صدي کان پوءِ اجتهاد
ٿي ويو هاڻي تقليد کان سواءِ ٻيو چارو ئي ڪونه آهي تنهن
معنى هي آهي ته مجتهد مستقل پيدا نٿو ٿي سگهي هي
مطلب نه آهي ته بلڪل دروازو اجتهاد جو صفا بند ٿي ويو آهي
ڇو ته هر ڪنهن زماني ۾ مجتهد منتسب جو وجود فرض ڪفايه آهي
۽ هر وقت ۽ هر حال ۾ اهڙي جيد عالم دين جو هجڻ ضروري
آهي جو نئون نئون جديد مسئلا جيڪي پيدا ٿين تن جو
مطابق اصول اسلامي جي فيصلا ڪري ۽ حلت يا حرمت جو

له رسو كتاب الرد على من اخلد الى الارض وجهل ان الاجتهاد في كل عصر فرض للامام السيوطي طبع مصر ١٢

بلڪ ائين آهي جو چئن يا پنجن سون سالن جي مدت تي مقرر
ڪئي وئي آهي سا فقط قياسي ۽ استقرائي ڳالهه آهي ڪو
شرعي نص قرآن جو ۽ حديث جو حڪم ڪو نه آهي ضروري
آهي نه اهيو سلسلو قيامت تائين چالو رهي ۽ چالو رهندو جيئن
حديث شريف ۾ آيو آهي منهنجي امت مان هر صدي جي مٿي
تي اهڙو شخص مبعوث ڪندو جو منهنجي دين جي تجديد ڪندو
رهندو تاڪه آخر زمانه قرب قيامت ۾ حضرت عيسى ۽ امام
مهدي عليهما السلام پڻ اچڻا آهن جو مجتهد في المذهب مجدد
دين هوندا - بعضي عالمن جو طريق ڪشف جي حضرت عيسى عليه السلام
کي حنفي لکيو آهي سو حضرت مجدد الف ثاني لکيو آهي ته هو
مجتهد هوندو مگر اجتهاد هنجو گهڻو ڪري موافق مذهب
حنفي جي هوندو چو ته نبي جو شان هن کان گهڻو اعلى وارفع
آهي جو ڪنهن امتي جو مقلد ٿي رهي

جناب والا حسب الوعده زباني مضمون ڪجهه ڪمي بيشي سان تحرير
موڪلجي ٿو هتي مون سان ڪتاب ڪون آهن پنهنجي ياداشت مان
جيڪي ڪجهه لکيو ويو آهي سو ئي دوستن لاءِ ڪافي وشافي ٿيندو فقط والسلام

٢٢ جمادي الآخر سنه ١٣٧٧ھ — عبده فقير شاه آغا عفي عنه

( ازمڪان پن ڪيره )